SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1992

SINDH ACT NO.V OF 1992

سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ACT, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment in Sindh Act X of 1986

3. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

4. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1992

SINDH ACT NO.V OF 1992

سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ACT, 1991

[22 فيبروري 1992]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 1990 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1986 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم

Amendment in Sindh Act X of 1986

2. سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، لفظ "خاص الائونس" جتي بہ اچن، سواءِ دفعہ 3 جي، انهن کانپوءِ لفظ "۽ اضافي خاص الائونس" شامل ڪيا ويندا.

1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986	3.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ 3_A شامل ڪئي ويندي: "3_A. هر ڪو ملازم، پوءِ ڪٽي ان کي ڪيتري بہ ڏهاڙي يا مزدوري ڏني وڃي، پنهنجي ملازمت جي حوالي سان پهرين ڊسمبر 1990 تي يا ان کانپوءِ ڪيس ملازمت ڏيندڙ طرفان اضافي خاص الائونس ڏنو ويندو، جيڪو بہ سئو رپيا مهيني جي برابر هوندو."۔
منسوخي Repeal	4.سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.